هڪ ٻيو مسيحا

ڪملا رچنداڻي

هڪ ٻيو مسئلا

(ڪهاڻين جو مجموعو)

ڪملا بختياڻي

پنڪج پبليڪيشن
٤٧٨، آدرش نگر، جئپور (راجستان)

ٻه اکر

هيءَ ڪماري ڪملا جو ٻيو ڪتاب آهي. پهريون ڪتاب به پڙهڻ جو اوسر مليو اٿم جنهن بابت اڳيئي مشهور ليکڪ ايشور چندر ڪچاڻ ۽ پڪاڻ بابت اوڪ ٽوڪ ڪري چڪو آهي.

هن ڪتاب ۽ اڳئين ڪتاب ۾ چڱو انتر آهي. آکاڻيون، ٻولي، وڏڪ ۽ ٽڏڻ ۾ ٺهڪندڙ آهي. آکاڻي ”ٻيو مسيحا“ پڙهڻ کان پوءِ محسوس ٿو ٿئي ته اڄڪلهه جا جوان وديش ۾ پنهنجي پٺيان ڪيئن نه، ديوانا آهن جو ملڪ ۽ انسان ذات جي سيوا ڪرڻ ڀلائي ويٺا آهن.

”سنگتراش“ آکاڻي ڏيکاري ٿي ته ڪيئن نه ماڻهو هنر جي پٺيان پنهنجي جان ڏئي ٿو. ”ڪر سيوا ته ملندي ميوا“ اڄ ڪلهه جي حالتن ۾ ٺهڪندڙ آهي. ”ضرورتمند انسان“ ۾ جيڪو مثال ڏنل آهي اهڙي درويش سڀاءَ جا ماڻهو اڄ ڪلهه اڻ لڀ آهن. ”۽ ممتا مري وئي“ آکاڻي دل کي ڇهندڙ آهي ۽ ٻيو دفعو پڙهڻ لائق آهي. ڪيئن نه هڪ انسان شراب جي لت کان حيوان ٿي ٿو وڃي ته ٻئي پاسي هڪ ناري ڪيئن نه ديوي ٿي ثابت ٿئي. ٻيون به جيڪي

HIK BIYO MASIHA

(Short Stories)

*

By :
Miss Kamla Bakhtiani
Lecturer (Sindhi)
Maharaja Girls Higher Sec. School,
Bani Park, Jaipur.

*

First Edition : 1987

*

Price : Rs. 20/-

*

Publisher :
Pankaj Publication
477, Adarsh Nagar,
JAIPUR (Raj.) 302004

*

Printer :
Kaushal Printing Press
3, Dayanand Market,
Kaisar Ganj,
AJMER - 305 001

*

Financial Assistance
Rajasthan Sindhi Akademy
Jaipur (Raj.)

فهرست ڪهاڻيون

آڪاڻيون آهن اهي ۽ شروع ڪرڻ کان پوءِ پوري پڙهڻ لاءِ مجبور ڪن ٿيون.

گهڻي ڀاڱي زال ذات ۽ ڇوڪريون گهرو ڪم کان آجيون ڪونهن. ڪملا کي شاباس هجي جو اُن هوندي به ۽ پاڙهڻ جي ڪم هوندي به، وقت ڪڍي، ڪتاب لکي، اهو سندس سنڌيت لاءِ حب ۽ اُتساھ آهي جنهن لاءِ هوءَ بيشڪ داد لهڻي ۽ جس جي لائق آهي. شاباس اٿس. سندس لکڻ ڏسندي، اهو وقت پري ڪونهي جو هوءَ اڳيان هلي هڪ اوچ ڪوٽيءَ جي ليکڪائن ۾ شمار ڪئي ويندي.

منهنجون ڪملا لاءِ هيئر ۽ اڳتي لاءِ شڀ ڪامنائون.

تيرٿ بسنت
ڊسٽرڪٽ ۽ سيشن جج (رٽائرڊ)
پريزيڊنٽ سنڌو ويلفيئر سوسائٽي ۽
ائڊوائيزر پوج سنڌي سينٽرل پنچايت، جئپور

هڪ ٻيو مسيحا

اڄ رٽائرمينٽ جي نزديڪ اچي ويو آهيان. سڄي زندگي جڻ جفاڪشي، ڀڄ ڊوڙ ۽ هاءِ هاءِ ۾ گذري وئي، پر ڪجهه سوچڻ جي فرصت ئي ڪونه مليم. پر اڄ اچانڪ هن سانتيڪي ۽ ايڪانت جڳهه تي اچي جڻ زندگيءَ جي اڳئين ورقن کي ورائڻ جي ضرورت محسوس ٿيڻ لڳي.

دماغ تي زور ڏئي سوچڻ تي ياد ٿو اچيم ٻالپڻ جو اهو وقت جڏهن مان ۽ امر گڏ پڙهندا هئاسين. هونئن ته گهڻيئي ساٿي هئا پر وقت جي ڌنڌ ۾ اهي غائب ٿي ويا جڻ انهن ۾ ياد ڪرڻ جوڳو ڪجهه هئو ئي ڪونه. پر امر! امر منهنجي لاءِ آدرش ساٿي هو، جڏهنڪ اسان ٻنهي جي مالي حالت ۾ ڏينهن رات جو فرق هئو. هو هڪ امير سول سرجن جو پٽ هو. چمڪندڙ ٻه ٻه ڪارون هن جي در تي بيٺيون هونديون هيون. گيٽ تي سپاهي هردم مستعد رهندو

ٻنهي جو منهن ڏسڻ لڳا. ڀلا هو نادان ڇا ڄاڻن ته هو ڇا ٿيندا؟ پر پوءِ همت ڪري ڪڏهن چيو پروفيسر، ته ڪڏهن چيو انجنيئر، ڪڏهن ماستر ته ڪڏهن مسٽر. جڏهن منهنجي واري آئي ته مون چيو ته مان پراپڪاري ٿيندس، ڇو جو منهنجا ماءُ پيءُ هميشه مونکي پراپڪار جو سبق سيکاريندا هئا. جڏهن اُتم کان پڇيو ويو ته ڇا ٿيندين مان ڊاڪٽر ٿيندس. سو ٺيڪ به هئو. ڊاڪٽر جو پٽ ڊاڪٽر ٿي ٿيندو انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي. اُتم جو پيءُ ته هنڪي ڊاڪٽري پاڙهي به سگهي ٿو. خير ڳالهه آئي وئي ٿي وئي.

ڌيري ڌيري جيئن ڏاڪڻ چڙهجي اسان به تعليم جا ڏاڪا پار ڪندا پنهنجي روزي روٽيءَ جي ڏاڪي تي اچي پهتاسين. ٻڌوسين ته اُتم ڊاڪٽريءَ لاءِ ولايت ويٺو هو پر ويو ڪونه. هن جي پيءُ گهڻو ئي سمجهايس ته پٽ! اتان وڏي ڊگري وٺي ايندين ته آئينده چڱي ويندءِ. سپ ڪر پهو ساٿين سالين ڪندءِ. ڏس مهاتما گانڌي به ته انگلينڊ مان بئرسٽري ڪري آيو هئو. تون ڊگري ته وٺ پوءِ جيڪي وڻيئي سو پيو ڪجانءِ.' پر اُتم پنهنجي ارادي تي اٽل رهيو چئي 'دادا، ڇا اسان جي ڀارت ۾ ڪا ڪمي آهي ڪيان جي؟ جيڪي جوان ۽ انهن جا ماءُ پيءُ ولايت جو خرچ برداشت نٿا ڪري سگهن اهي ڇا ڪن همت

هُئو ۽ آئي وٽي کي ڦرڙيءَ سان سلام ٺوڪيندو هو.
ٽماڙ عاليشان بلڊنگ سڄي شهر جو نڪ پڄي
پاسندي هئي، تہ بہ اُن ۾ اهم ڳالهہ ڪونہ هئي. نڪو
هن جي پيءُ ڊاڪٽر واسديو ۾ ئي اهم هو. هو ڪاملڪ،
حليم ۽ پرهيزي انسان هو. سڄي شهر جا مريض سندس
خوش طبع ۽ زنده دليءَ جي تعريف ڪندا هئا. اڌ
شفا تہ هنن کي هن جي همدرديءَ ۽ خوشمزاجيءَ
مان ئي حاصل ٿي ويندي هئي.

اُم شايد پيءُ جا ئي گڻ ڪٽي ڄاتو هو. هنجو گهر
اندران بہ اسان ڏٺو هو. اُن پنهنجي جنم ڏينهن تي
سڀني ساٿيائين کي گهرائي خوب کارائيندو پيئاريندو
۽ راند روند ڪندو هو. پوءِ ڪار ۾ واري پنهنجي
پنهنجي گهر ڇڏي ايندو هو. گهر شاهي ۽ سينگاريل
هوس. هن ۾ وڏا وڏا پلنگ، صوفا ۽ ميزون هيون جن
تي چمڪندڙ ڪوَر چڙهيل هوندا هئا. ڪمرن ۾
غاليچا اهڙا نرم جو پير هنن ۾ کپي ويندا هئا. شاندار
فانوس جگهہ جگهہ پيا ڪندا هئا. عاليشان باغ بہ هوس.
سرڳہ شايد انهيءَ کي چوندا آهن. ڪلپنا ۾ اسان سرڳہ
اهڙوئي سوچيندا هئاسين. پر اُن وقت اسان جي عمر
ئي ڇا هئي؟ چوٿين يا پنجين ڪلاس ۾ مس هئاسين،
جو هڪ ڏينهن اتفاق سان ماستر پڇي ورتو 'توهان
وڏا ٿي ڇا ٿيڻ چاهيندا؟' سڀ ٻار واڙا ٿي هڪ

ڇا ته ڳالهه ٿي ڪيم ته مان ته بدنصيب ۽ قسمت جو مارئل هوس ٿي. مائٽن جي حيثيت ئي ڪونه هئي ڊاڪٽري پڙهائڻ جي، سو ڪمپائونڊري پاس ڪري ئي صبر ڪرڻو پيو. مڙئي روزي روٽيءَ کي لڳي ويس.

پڙهي انسان جو پهريون اُديش ته هوندو آهي روزي روٽي ڪمائڻ، ٻيا اُديش ته ڪيڏا پاسيرا رهجي ويندا آهن. سو مان پراڻڪار جي ماستر کي ڏنل وچن کي اهڙوئي پال ڏنو جيترو ڪمپائونڊر مريض کي دوا ڏئي سا ٿي بلڪ اُن جي بدلي پيٽ پالڻ لاءِ هر مهيني هڪ ٻڌي رقم جو هٿ ۾ اچڻ جو انتظار ڪري.

سال ٿي ويا پر پراڻڪار جي ڳالهه اڄ ٿي ياد اچيم. سو به ڏٺم جڏهن اڄ هن ننڍڙي، تمام ننڍڙي ڳوٺ ۾ منهنجي بدلي ٿي آهي. پر هتي جي اسپتال ڏسي اکيون ڄڻ کليون رهجي ويون آهن.

موکي اندر ئي اندر ۾ الائي ڇو ڳوٺن مان نفرت ويٺل هئي. اُتان جي غريبن، اڻپڙهيل ۽ جاهل ماڻهن کان موکي سخت نفرت هئي. نه اُنهن کي صاف رهڻ جي تميز هئي نه تندرستيءَ جي نيمن جي ڄاڻ. ميرا ڪپڙا جن مان بانس ٿي ايندي آهي برداشت کان ٻاهر هئا. پر ڪيان ڇا هيلٿ ڊپارٽمينٽ ئي اچي پيئو آهيان ته سرڪاري حڪم به ته وڄائڻو ٿي

ٿي ڊاڪٽري پاس ٿيا ڪن. پِلا مهاتما گانڌيءَ به ته اُتان ڊگري وٺڻ ڪانپوءِ بــه هت شيوا ۽ پراپڪار جا ڪم ٿي ڪيا. مان به اُن اعليٰ اِنسان جي آدرش تي هلندس. مان به ڊاڪٽري اندر ٿو ڪيان جيئن غريبن ۽ بيسهارا مريضن جو سهارو بڻجان. اُنهن جو ٿورو به دک دور ڪري سگهان ته مان پنهنجو جيون سڦل سمجهندس، نه ڪو پرديس وڃي ٻين جي غلامي ڪونه ڪندس.

اُلم جو پيءُ جڻ عرش تان ڪريو. هن پٽ مـان ڪهڙيون نه اُميدون رکيون هيون ته هو ولايت وڃي خوب پئسو ۽ نالو ڪمائيندو پـر هن تـه سندس منصوبن تي پاڻي ڦيري ڇڏيو. وري به سمجهائيندي پيار سان پٽ کي هٿ ڦيريندي چيائينس — ’پٽ ڊاڪٽري پيشو ته آهي ئي شيوا لاءِ. پر انسان کي ناموس سان گڏ نالو به ته کپي! تـوکي هت ڇا ملندو؟ اڄ هرڪو نوجوان ولايت وڃي ڪمائڻ جا سپنا پيو لهي. وديشن ۾ ماڻهو ڪمائي ڦاٽي پيا آهن. وديشي ڊگريون وٺڻ لاءِ پـاهه پيا پچائين ۽ تـون آهين جو آئيءَ ٽالهيءَ کي لت پيو هڻين.‘

پر اُلم ڪونه مڙيو. هو بمبئيءَ ڊاڪٽري پڙهڻ لاءِ راضي ٿيو ۽ پوءِ ڊاڪٽر ٿي ڪيڏانهن ويو اِها خبر ئي ڪونه پئي.

مريض صبوح شام پارڪ ۾ گهمندا ۽ صحت حاصل ڪندا آهن. ٻارن لاءِ اسڪولي تعليم مفت آهي. هت شيوا ڀاوي ڊاڪٽر ئي رکيا ويندا آهن جيڪي پنهجي کان وڌيڪ شيوا ۾ وشواس رکن.

اهو سڀ ڏٺي مان ته عجب ۾ پئجي ويس. شهر جي ڊاڪٽرن جيسو ورتاءُ مريضن سان شيوا ڀاو جو هوندو آهي يا ناڻي ڀاو جو؟ هنن وٽ وقت گهٽ ۽ مريض گهڻا هوندا آهن. جنهن سبب هنن جو سڀاءُ چڙچڙو ۽ رکائيءَ سان ڀريل هوندو آهي. منهن تي مرڪ هنن جي لاءِ اڻلڀ آهي جڏهن پرائيويٽ پريڪٽيس مهل مريض لوٽ ڪٽي ايندا آهن.

اهو سڀ سوچيندي ته سڄي عمر شهر ۾ اڪري وڃي ته آتما ئي شانتي ملي نه پراپڪار جو موقعو مان اُن دروهش جا درشن ڪرڻ لاءِ آتو ٿيڻ لڳس. مون منشيءَ کان پڇيو ته سائين اهي پراپڪاري آهن ڪير؟ ته چيائون آهي هڪ لڪائيءَ ۾ رهڻي سادي ۽ وچار اُتم. وڏا ڪاروبار ۽ ملڪيون هٿن ۾ سڀ ڇڪڻي ناٿو هت دان ۾ لڳائي ڇڏيائين.

ايتري ۾ هڪ جيپ ڌرمشالا جي سامهون اچي بيٺي. شايد ڊاڪٽر ڪنهن مريض کي پرسان ڳوٺ ۾ ڏسڻ ويو هئو. جيپ مان ڊاڪٽر جو لهڻ هو ۽ جيڪو

پوندو آهي؟

اسپتال تمام صاف سٿري، شاهي ۽ سائنٽيفڪ جاءِ
تي ٺهيل هئي. صفائي اهڙي جو سٽي ڪري نه ڏسڻ
۾ اچي. نرسون ۽ ڊاڪٽر پنهنجي پوشاڪ ۾ چمڪندي
۽ ڦرتيءَ جو ڪم ڪري پيا پيش ڪن. سيوا ڀاءُ ۽ محڪ
جو هر ڊاڪٽر جي خون ۾ وسيل هئي. جنهن ڪري
چوندي سيوا ڀاوَ ڊاڪٽر هٿ اچي گڏ ٿيا هجن.
اسپتال کان ٿورو پري هڪ ٽيڪري پر اکين کي
موهيندڙ بلڊنگ هئي جنهڪا ڌرمشالا هئي. جيڪين
ٻاهريان مريض ۽ انهن جا سڱاڻيندڙ اتي آرام سان
رهي سگهن. جنهن سان لڳل ڊاڪٽرن لاءِ بنگلا هئا،
وچ تي هڪ وڏو سهڻو سرسبز باغ هو جنهن ۾ طرح
طرح جا گل ڦل ڏاڍي ترتيب سان لڳل هئا ۽ هر
راهگير کي پاڻ ڏانهن اُڇڪ جي ليکب پيا ڏين.
مولڪي لڳو ٿي ڪوله پٽي نه ڳوٺ ۾ نه مولڪي
ڪو اهڙو واڻياور ملندو. ڌرمشالا ۾ سامان رکي هٿ
منهن ڌوئي مان ڌرمشالا جي منشيءَ وٽ اچي ويٺس،
حال چال ونندي خبر پئي ته هيءَ اسپتال، ڌرمشالا،
باغ ۽ هتان ٿورو پري ڳوٺ ۾ اسڪول سڀ هڪ
ديالوان ڊاڪٽر ٺهرايا آهن ۽ پنهنجيءَ ئي رقم کي دان
۾ ڏيئي هلائين پيا ٿا. هت اسپتال ۾ مريض کي
مفت دوائون ۽ کاڌو مهيسر ڪيا ويندا آهن.

ڇا ممتا مري وئي؟

هن جي گود ۾ مهيني کن جو ٻار مس هئو. هوءَ ڊاڪٽر گدواڻيءَ جي ڪلنڪ جي در تي بيٺي هئي ۽ حسرت ڀري نظر سان اُن ٻار جي چهري ڏانهن نهاري رهي هئي. ٻار جون اکيون ٻوٽيل هيون. سرءُ ۾ ڪا چرپر به ڪانه هئس. اڃان ڊاڪٽر ڪلنڪ ۾ ڪونه آيو هو.

ڊاڪٽر جي ڪار جيئن اچي بيٺي. ممتا سيني مريضن کان اڳ ڊاڪٽر وٽ ڪهي آئي 'ڇي' ڊاڪٽر منهنجي ٻچڙي کي ڏسو جلد ڪيو بلڪل صحيح ڪـان جاڳي ئي نٿو. ڊاڪٽر چتائي ٻار ڏانهن نهاريو پوءِ اسٽراسٽڪوپ سان ٻار جي جاچ ڪئي، نبض تپاسي، پر هو ئي نه ڪجهه هئو ئي ڪين، ٻار مري چڪو هئو. ڊاڪٽر مايوسيءَ سان چيو، 'توهان سان گڏ ڪير آيو آهي؟' ممتا - ها، ها، پوءِ هيڏانهن ڊاڪٽر توهان کي

جتي بيٺو هو اُتي ئي اُٿي بيهي رهيو. ڊاڪٽر جڏهن پيو لنگهي سڀ شردا وچان سلامي پيا ڏين.

مڇڻيءَ اشاري ۾ چيو "هيءُ اُتو اهو فرشتو يا زمين تي ديوتا چئو، ديوتا! ڌرتيءَ تي جڻ هڪ ٻئي مسيحا جو جنم درد منڊن جا درد دور ڪرڻ لاءِ ٿيو آهي."

ڊاڪٽر جيئن منهنجي پرسان لنگهيو مون اُتي ڪيڪار ڪئي. ڊاڪٽر جيئن ڪارو چشمو اکين تان لاٿو هو جو مون ڏسي منهنجي مون مان نڪري ويو "اُتم" مان اُتم کي سڃاڻي ويس. منهنجي اکين مان ڳوڙها وهي اُتم جا چرڻ ڌوئڻ لڳا. مان شردا وچان منهنجي مون جا اکر جڻ مون ۾ ئي ڄمي ويا. جڻ مان پراپڪار جي ڏنل وچن جو پراشچت ڪندو هجان.

اُتم مونکي سڃاڻو ۽ چيکي منهنجي ڀاڪر ۾ ڀري ڇاتيءَ سان لڳايو.

جو هيانءَ تي ڦاٽو. صرف ٻڍڙي جي مرڻي موت تي هن
اکين ۾ سماءُ هئي نه ڪجهه به نه.
گهر ڇڏڻ شرط ممتا ٻار کي هڪ هڪڙ ۾ سنڀاري
رام جي ساڻهون شرطيه وانگر گجڻ لڳي، "تون ئي
ين منهنجي ٻارن جو هتيارو، تون ڪنهن ڏينهن راس
اب ڪچي، ممتا ڇا ٿي چڱو آهي اها سڀاڪت نڪري
ي اٿئي. هيءَ منهنجو ٻئون لعل آهي جيڪو
ن کي سڪائي وري وٺي تو هلي. جن ٻارن لاءِ
۽ ماءُ لاءِ روئي ٻه ممسر نه ٿيندي آهي جنهندا
ڇين؟ ٻسائي، دشمن، تون ئي آهين منهنجي ٻارن
هتيارو ۽ ممتا روئڻ ۾ اچي ٿڪي.
اي ڪيهن مهل جڏهن ممتا اهڙي امولي ڳالهائي
نه هولد سترام هن جا هڏ ڳڏ ٻڌي جڏي ها پر
نازڪ موقعي تي هو خود پاڻ کي ڏوهاري سمجهي
و هو. وقت جي نزاڪت ڏسندي چپ ٿي رهيو.
ڪ ماءُ جي ممتا ڪئين ديواني ٿي ڳالهائي رهي
ي ڪجهه سمجهڻ جي ڪوشش پئي ڪري.
ي جهڙي ٻس....
ٻن ٻارن جي موت کان پوءِ ممتا کي پنهنجو جيئڻ
سود پئي لڳو. هڙي اڳ جهڙي گهر ۾ رهڻ کان
و آهي مرڻ. ٻس مرڻ جي چاهنا ڪرڻ وارن کي
ب ڪٿي تو اچي؟

سڏين ٿا.

سترامداس ڊاڪٽر وٽ آيو. ڊاڪٽر سترام کي پنهنجي ڪمري ۾ وٺي وڃي ٻڌايو ته ٻار ختم ٿي چڪو آهي، ڏوهان اهڙو ۾ ڏيهر ڪٽي آهي. ٻڌندي ئي سترام ڦڙڪيءَ سان ٻاهر نڪري آيو ۽ ممتا کي پنهنجي اچڻ جو اشارو ڪيائين. ممتا رڙيون ڪندي چيو، 'ڊاڪٽر منهنجي ٻالڪ کي دوا ڏيو، ڇو نٿا ڏيو س دوا؟'

هڪ ماءُ دل ۾ سمجهي وئي ته هن جو لعل دوائن جي پهچ کان دور ٿي ويو آهي. منهنجو جاني جگر موت سان بيوفائي ڪري ويو آهي.

سترام ممتا جو هٿ پڪڙي ٻاهر اچي رستي تي تيز قدمن سان هلڻ لڳو. ممتا پنهنجي روئندي ٻار کي چاتيءَ سان هيڪاري وڏيڪ ڇمڪڙائيندي پئي آئي. سترام جي منهن تي درد يا احساس بلڪل نه هئو. هو ٻڙڪيءَ جو ڍولڻون ٿيو ڪندو پيڪرو هلندو پئي ويو. ممتا ٻاڪارئيندي پنهنجي پئي هلي، رستي ۾ پڻ سترام ممتا کي ڊڙڪا ڏيڻ لڳو 'هاڻي بس ڪر جيڪي ٿيڻو هو سو ٿي چڪو هاڻي رستي تي تماشو نه ڪر.'

پر ممتا ٿي نه رستو ۽ رستي جا ماڻهو ڪجهه به نظر نه پئي آيا. جيئن ارجن کي صرف جهرڪيءَ جي اک تي ئي ڌيان هو، تيئن ممتا جي نظر به صرف پنهنجي معصوم جي منهن تي ئي هئي. ٻڙڪي جي ممتا سان

......
سترام خود نه پيئڻ کان پوءِ ليوڙ ۽ مڇيءَ جي
ب ڪندو هو باقي ممتا نه سگهيءَ روٽيءَ لئي ٿي
ر ڪندي هئي. سترام ٻاهر ئي پنهنجي کاڌي
ج ڪري ايندو هو ۽ گهر ۾ ڪڏهن ٻيو ولو
ممتا کي نصيب نه ٿيندو هو.

پاڙي ۾ ممتا جي هڪ ساهيڙي ڀڳونتي رهندي
ي. هئي هڪ ٻئي جي پيٽ ٻڌجي ولون هيون.
ڳونتيءَ کي پاڙي ۾ سڀ ڀاڳي ڪري ڪوٺيندا
ا. تمام سٺي سڀاءَ جي هئي. ممتا جي درد جو
تي هڪ هوءَ ئي هئي. هوءَ ممتا کي ڌيرج ڪري
مجهندي هئي. ڀاڳيءَ جو مڙس به سترام سان مزوري
ڪندو هئو. پر هو تمام سلڇڻو هو. شراب کي هٿ
نه لائيندو هو. هيڪاري سترام کي سمجهائيندو
و ته شراب زهر آهي، برائن جي جڙ آهي، جهڳڙي
و مول آهي هن کي ڇڏي ڏي. پر هير ڇني ٻير
اري ڳالهه هئي. شام ٿيندي ئي هو ۽ گنو ۽ هن جي
کمائيءَ جا پئسا.

ڀاڳيءَ کي اولاد ڪونه هو. پنج سال شاديءَ کي
ي ويا هئس پر ٻار جي منهن ڏسڻ لاءِ ٻئي زال-مڙس
ئي سگهيا. گهڻائي ڀچاڙا، ٽوڻا ڀچايائون، سڳا ڌاڳا

ڏيري ڏيري حالات ساڳيا ٿيڻ لڳا، ممتا گهر جي
ڪم ڪار ۾ رڌي وئي ۽ سترام اهائي مزوري ڪري
شام جو ٿڪو چاڙهي گهر اچي ڪار گهڻدو ڪندو ۽ ممتا
کي ماريندو ۽ گوڙ مچائيندو هو. ننڍي ننڍي ڳالهه
تي گهر ڪٽي مٿي تي کڻندو هو. اُن ڏينهن صرف
هن جي قميص جي پڳل ٻٽڻ کي ممتا مٿائي نه
سگهي هئي لهن تي جو شور ڪيائين ته
پاڙي وارا اچي مڙيا، گڏهه تون رڳو سوا سير اٽو
ڳائڻ لاءِ آهين ڇا؟ توکي ايڏي فرصت ڪونهي جو
ڪٽي ٻٽڻ لڳائيين. زال ذات، لهجي اِها همت
تون مهجي جتيءَ جي برابر نه آهين، پاڻ کي سمجهين
ڇا ٿي؟ ائين چوندي ڪٽندي ٿي ڪرسي کڻي
هيائينس. ممتا جي نراڙ تي نيل پئجي ويا ۽ رت پڻ
وهڻ لڳس. اِها نه روز جي واردات هئي ڪا اج
جي نئي ڳالهه ڪوله هئي.

ٻئي ڏئي مهني ممتا کي خبر پئي ته هوءَ وري
ماءُ ٻڻجڻ واري آهي ان خبر سان هن کي خوش ٿيڻ
کپندو هو پر هوءَ جڻ اندر ئي اندر ڏکي وئي. هن کي
ياد آيو ته ٻهراڙون لعل اُن ڏينهن پر هليو ويو. ماءُ جي
تيج ئي حاصل ڪو نه ٿيس. ممتا کي پلا کائڻ لاءِ ملندو
ئي ڇا هئو جو تيج پوس؟ هوءَ ڪلهي سٽن ڏينهن بر ئي
ڪومائجي وئي ۽ ٻيو هڪ مهيني جو مهمان ٿي آيو

و پوندو. غصي ۾ ايسي ڪي هن ٻار جي صدقي
ڪندڙ پاسي رکي ڇڏ'. ٻاڳيءَ ڪرشن جي هڪ ٻچڙن
ي مورت جنهن ۾ هو گوڏن ڀر رڙهي رهيو هو،
هڻي مورت ۾ مسڪائي رهيو هو، هن جي ڪمري
ٽنگي ڇڏي. 'تون هن موهڻي مورت کي صبوح
سام ڏسي پوءِ اٿ ۽ سمهه. ڏسجانءِ هن دفعي
ڪرشن جهڙو ڪنهيو ئي جنم وٺندو. ممتا ته ساهيڙيءَ
ي ڳالهين تي عمل ڪيو. ستارام گوڙ ڪندو هو ته
وءِ ڇڪيندي ئي ڪو نه هٽي ۽ نه ڪڇن ڪري جهڳڙو وڌندو
ي ڪو نه هٽو.

آخر اهو ڏينهن به آيو جو ممتا هڪ ٻالڪ کي جنم
تو. تمام سندر ٻالڪ هو جهڙو ڪرشن جي مورت
ويلو هو. ٻاڳي اسپتال وئي. هن ڪاڏي پيٽي،
ر جو ٻندو بست ته پاڻ تي هموار ڪيو. ڏاڍو
ان رکيا ٿيندس.

ممتا سوچي ڇڏيو هئو ته مهنجي گهر ۾ جي ٻار
هيو ته ٻين ٻارن وانگر هليو نه ويهي ۽ جو ٻي ۾
ٻارن لاءِ ممتا ڪئي نه آهي ان ڪري ٻهنجي ممتا کي
ري اهو ٻار ٻاڳيءَ کي ڏئي ڇڏيان ته ڪيڏو نه سٺو
ي؟ هوءَ به اولاد جي سڪايل آهي. اسان جي گهر
سان سکيو ٻليو، پيار ته ملندس، سنسڪار به سٺا
ندس. من اهڙو موڪان ٻري رکي ٻار کي وڏي

ٻڌائون، پر چوندا آهن ته جيڪي ليک ۾ لکجي
ويو آ ان کي ٻدلو مٽائي نٿو سگهجي. ڀڳوان در ڀيا
ٻاڏائيندا هئا، ونتيون پيا ڪندا هئا پر ڀڳوان ....
ڀڳوان ته الائي ڪهڙيءَ ننڊ ۾ ويٺو هئو جو ٻڌي
ئي نه پيو.

ڀاڳي ممتا جي حالت ڏسي روئندي هئي. هن جو
پيار ۽ همدردي ڇوليون ماري ممتا جي دک درد کي
گهٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي هئي. هيڪاري
تڏهن جڏهن ممتا جا ٻار هن کي دوکو ڏئي وڇڙي
ويندا هئا. ڀاڳي ٻارن لاءِ سڪايل هئي. ان ڪري
هن دفعي ممتا جي ماءُ ٿيڻ جا اهڃاڻ ڏسي هوءَ
هن جي وڌيڪ سنڀال ڪرڻ لڳي. چوندي هئس،
’ممتا جڏهن شيءِ لئي دل ٿيئي، مونکي اچي جهجهڪ
ڇڏي ڏج، مان آڻي ڏيندي سانءِ، آتما کي متان
سڪائين.‘

ممتا ته شرم کان ڪجهه نه چوندي هئي پر ڀاڳيءَ
کي جڻ خبر پئجي ويندي هئي، ممتا جي پسندي
۽ اچا جي. هوءَ ڪڏهن ممتا لاءِ رڌل ڀاڄيءَ جو
ڪٽورو ته ڪڏهن ڪو صوف يا انب يا ڪو فروٽ
کڻي ايندي هئي ۽ ممتا کي چوندي هئي ’تون خوش
رهه ۽ ايشور جو نالو جپ ته تنهنجا سڀ ڪشٽ
ڪٽجي ويندا. جهڙا ماءُ جا ويچار هوندا تهڙو ٻار ٿي

ام جو ڀاڳيءَ چانهه وغيره کڻي آئي ته ممتا جي
طبيعت بگڙي پئي آهي. اهو ڏسي هوءَ گهٻرائجي
ئي. هن يڪدم ڊاڪٽر کي سڏ ڪيو. ستارام پڻ شام
و روز ممتا وٽ ايندو هو، هن وقت پڻ ويٺو هو.
متا پنهنجي حالت ڏسي ستارام کي چيو، 'هيڏانهن
ٽي منهنجي جيئڻ جو مقصد لڳي ٿو پورو ٿي
ڪو آهي منهنجي هلڻ جي ويل ٿي وئي آهي،
ڳي عمر ته مون توهان جي ڳالهه رکي آهي. اڄ
ڪ ڳالهه آخري منهنجي رکڻي پوندو. مون هيءُ ٻار
اڳيءَ کي گود ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي، سکيو
و. ماءُ جي ممتا به ملندس. ڀاڳيءَ ٻار لاءِ سڪي
ي هن کي پنهنجو پٽ ڪري پاليندي. هاڻي مٿان
ڪار ڪرين.

ممتا ستارام جو هٿ پڪڙي ڳوڙها ڳاڙيندي چوندي
ي 'توهان کي جڏهن ياد اچي ته ڏسي اچجوس.
تو سگهي ڀاڳيءَ جي ڀاڳي هيءُ ٻار عمر دراز رهي.
ان وٽ ته .... ۽ ستارام ممتا جو منهن ڍڪي
ت سان بند ڪيو.

ڳالهائيندي ڳالهائيندي ممتا جو ساهه منجهڻ لڳو.
ڪٽر نبض ڏسي چيو 'رت جي ڪمي ٿي پئي
ي رت ۽ آڪسيجن ڏيڻو پوندو'. ڊاڪٽر ڦڙا
ٽي سلنڊر گهرائي لڳائڻ لڳو هو پر سلنڊر لڳي

جيالي ڏني. هن ٻڌو هو تہ، جن جا ٻار ڪونہ ٿيندا آهن اُنهن کي ماڻهو گروءَ ۽ درٻار کي ڏئي ڇڏيندا آهن يا ڪنهن ٻئي کي گود ڏيندا آهن تہ ٻار هنن جي ڀاڳي ٿئي پوندو آهي.

ٽئين ڏينهن ڀاڳي جڏهن ممتا لاءِ کير وغيره کڻي آئي تہ ممتا چيس 'ڀاڳي مان هڪ وينتي ٿي ڪيانءِ تون ڌيان سان ٻڌ. هيءُ ٻار مان توکي گود ٿي ڏيان، تون هن کي پنهنجي ٻچي وانگر پالجِ، مان سچ ٿي چوان مان پريان ٿي هن کي ڏسي صبر ڪندس پر اُئين نہ ٿئي ....

اهڙو چيائين مس تہ ڀاڳيءَ کڻي منهن تي هٿ رکيس ٻنهين ساهڙين جي اکين ۾ ممتا ۽ تياڳ جا موتي تري آيا. ڀاڳيءَ چيو، اڙي تون هيءَ ڇئين چا پئي؟ تون ۽ تنهنجو ٻچو بلڪل ٺيڪ رهندا وشواس رک.' پر ممتا کي اڳ ئي پروڙ پئجي ويا هئا تہ هن جي جيئڻ جو مقصد جڻ ختم ٿي چڪو آهي. چيائين، مان هنن سان شام جو ڳالهہ ڪري ڇڏيندس. هاڻي ٻچو تنهنجو ٿيو ۽ پوءِ ٻئي ڀاڪر پائي اوڇنگارون ڏئي روئڻ لڳيون. شايد ممتا جي اکين ۾ ممتا جي مرڻ جا آنسون هئا ۽ ڀاڳيءَ جي اکين ۾ ممتا اُڀرڻ جا آنسون هئا. ڏينهن جو ڀاڳي ڪم ڪار لاهڻ گهر هلي وئي.

پٻار جي ڳالهه

هن جي گهر جي دري هن جي دريءَ جي بلڪل
سامهون آهي. ٻنهي درين جي وچ ۾ صرف پندرهن
فوٽن جو مفاصلو آهي. پندرهن فوٽن کانپوءِ چار ديواري
جي ٽي فوٽ اوچي باؤنڊري وال آهي.

هن جي دري ٽئين منزل تي آهي ۽ هن جي
ٽئين منزل تي. هن جي دري رسوئيءَ ۾ ٿي کلي ۽
هن جي بيڊ ۾. آمهون سامهون دريءَ مان اندر
جهاتي پائڻ سان اندرين ڪجهه حصو ڏسجي ٿو سگهي.

اڄ عرصي کانپوءِ هن ڏٺو ته دريءَ ۾ ڪير صبوح
سان ويٺو آهي. هڪ پڳل ٽرانزسٽر کڻي هن ڪن ڀت
لڳائي آهي. ٽرانزسٽر سان گڏ پيج ڪش، ڪنگهي،
ٽيپ وغيره ضرورت جون شيون ٽڙيون پکڙيون پيون
هن ۽ هو اوڏي ڪند هن ٽرانزسٽر کي ڪاهڻ ۾ لڳو
پيو آهي.

۽ ڪُون چڙهي اُن کان اڳ ئي ممتا جي حالت بگڙجندي وئي. هن ٻار کي پاڳيءَ جي گود ۾ ڏيندي چيو، پاڳي اڄ کان تون ٻٻوءَ جي ماءُ آهين واعدو ڪر تہ هنکي ماءُ جي ممتا ڏيندينءَ اکين جي اوٽ نہ ڪندينءَ.'

پاڳيءَ روئندي ٻار کي ڪڇي ڇاتيءَ سان لڳايو. هن کي لڳو ٻار جي ممتا جي ڪري هن جي ڇاتيءَ ۾ جڻ کير پورڻ لڳي آهي. هن کي تہ جڻ زندگيءَ جي هر نعمت نصيب ٿي وئي هئي.

اُن وقت ممتا کان وڇڙندي انهن پئي لڳو جڻ ممتا مري وئي پر پاڳيءَ کي ڏسندي انهن لڳو تہ ممتا تہ پاڳيءَ جي روپ ۾ زندهہ آهي. هڪ ممتا مري چڪي هئي پر ٻي جاڳي اُٿي هئي.

ممتا جي اکين مان ممتا جا موتي نمي رهيا هئا. اکين ۾ ٻٻوءَ جي مورت ۽ چپن تي شانتيءَ جي مرڪ هئس ۽ ٿوري دير ۾ ئي هن جو ڪنڌ هڪ طرف پڙڪي ويو.

سترام ڪڏهن ممتا جو منهن تہ ڪڏهن ٻٻوءَ جو منهن ڏسندي رومال سان آليون اکيون اُگهڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندو واچارن ۾ گم ٿي ويو.

□

۽ ٻيءَ دريءَ ڏانهن گھڻي قدر ڪجهي ڪجهي ٿي ويون ۽
رڪي رڪي چار اکيون هڪ ٻئي سان ٽڪرائجي پئي
ويون.

پنجين ڏينهن ۾ اهو سلسلو هو. ٽرانزسٽر پرزا پرزا
ٿيو پيو هو. شايد دريءَ وٽ وهڻ جي بهاني ڪرڻ
لاءِ وري کوليو ويو هئو.

اکيون سامهون نيت کيون بيٺيون هيون. اڄ
چئني اکين ۾ هڪ خماري هئي.

ڇهين ڏينهن ته اکين اکين ڪان هٽڻ ٿي نٿي چاهيو
جڻ ڪو پنهنجو ڪمل جي گل جي مٿان ٿي پيو
منڊرائيندو هجي. اکين ۾ نشو پرجي ويو هو. هڪ
گھري چاهه هئي هنن ۾.

ستين ڏينهن تہ اکيون جڻ ڪجهه ڳالهائڻ جي
ڪشمڪش ۾ اچي ستيري بيٺيون. ٻنهي جو ڪم
ڪار ٺپ لڳو پيو هو.

۽ اٺين ڏينهن ها، اٺين ڏينهن چئني اکين ۾
بيقراري برقرار هئي.

۽ نوءَ ان بيقراريءَ کي هڪ انتظاريءَ اچي ورايو.
اها انتظاري جنهن ڪڏهن ختم ٿيڻ جو نالو ئي نٿي
ورتو.

هاڻي انهن اکين جي گرمي دل جي تهه تائين به
اچي پهتي. بيچيني، بيقراري، بي آرامي ۽ الائجي

هن ڏٺو تہ هو هن گهر ۾ هميشه رهندڙ نہ آهي. ويچار ڪيائين تہ ڪو ٻاهريون مهمان آهي ۽ اليڪٽرونڪ انجنيئر يا ورڪر ٿي ٿو سگهي، سڀ ملائي هن کي ٽرانزسٽر ٺاهڻ جي ڄاڻ آهي تڏهن ئي ڪولي ويو آهي.

هن کي رسوئي مان فرصت مشڪل سان ملندي هئي. صبوح جو نيرن ٺاهي، منجهند جو روٽيءَ جو ساڻو، شام جو چانهن جي تياري ۽ وري رات جي روٽي. سڀ ملائي ڏينهن جو وڏو وقت رسوئيءَ ۾ ئي گذرندو هوس.

پر اڄ رسوئيءَ سان گڏ هن دريءَ ڏانهن ڌيان وڌيڪ ٿي ويس پر هوءَ تہ اوندي ڪنڌ ڪم کي لڳو پيو هو.

ٻئي ڏينهن بہ اهو سلسلو ٽرانزسٽر ۽ اوندو ڪنڌ.

ٽئين ڏينهن بہ ٽرانزسٽر پر اڄ ڪنڌ مٿي، شايد هو ڪم ۾ مشغول ٿيو هو ۽ سامهون دريءَ مان پڻ اکين کي پاڻ ڏانهن نهاريندو ڏسي ازخود هن جون اکيون انهن اکين سان وڃي ٽڪرايون.

هاڻي اکين سان اکيون وڌيڪ پئي مليون ۽ ٽرانزسٽر ۽ رسوئي ٻئي بهانو هئا.

چوٿين ڏينهن بہ ٽرانزسٽر دريءَ تي پيو هو پر ڪنڌ ۽ اکيون سامهين دريءَ ڏانهن هيون.

هيڏانهن رسوئيءَ جي ڪم سان گڏ هن جون اکيون

همت ڪري چيائين "تون ڪجهه چوڻ ٿي چاهين ٿه
ٿه جيڪي چوڻ ٿي چاهين!" هن مٿي مشڪ ڇڏڻ
ٿي آڻي منهن ٻئي پاسي ڪندي چيو، "نه مونکي
شرم ٿو اچي." هن بيتابيءَ سان چيس "نه نه شرم
نه ڪر چئي ڏي جيڪي چوڻ ٿي چاهين بيجهجهڪ
چئي ڏي." هن لچارو نوع مان چيو "مون- مون ٿي
چيو" هن "ها ها چا ٿي چيو چئي ڏي جلد ٿه."
هن- "مون ٿي چيو ته منهنجو ٽرانزسٽر به خراب لڳو
پيو آهي جيڪر ٺاهي سگهو ته..." ۽ ست ٻ ڏاڪڻ
چڙهي مٿي هلي وئي.

ڪهڙيون ڪهڙيون بيماريون اچي اُڀريون. مڻ جي
چاهه زور ماريو ۽ مڻ واسطي رستا ڳولهڻ لاءِ دل،
دماغ ۽ ويچار سڀ ٻوڙڻ لڳا.

پر هن جو ڏاڪڻ کان هيٺ لهڻ جڻ پکوان مڻ
وانگر ڏکيو ٿي ۽ پر ناممڪن به هئو. ڪهڙي صورت
سان گڏجون؟ چپ ڪيچ ڳالهائڻ لاءِ آتا، ڦڙڦڙائيندا
جڻ ٻڌا ڳالهائي ٿي سڀ ڪي چئي ٿي وينا. آخر ٽاڪ
منجهند جو جڏهن سڀ آرامي هئا هوءَ ليٽر باڪس
۾ ٽپال ڏسڻ هيٺ لٿي. پر هاءِ جيستائين هن ٻاهر
نڪرڻ جو وسيلو ڪيو تيستائين هوءَ ڏاڪڻ چڙهي
مٿي ٻه پهچي ويئي.

هاڻي نه دل، دماغ، ويچار، چپ ۽ ڪن ڪجهه
چوڻ ۽ ڪجهه ٻڌڻ لاءِ آتا ٿي پيا. هي مؤلا ڪيچ
ٻڌ. مجنوءَ جي به ٻڌءِ جو ليلا بيمار ٿي نه فقير ٿهي
آيو ڪو وسيلو ڪر منهنجا رهبر.

هن جي دعا اگهاڻي. هڪ فقير هن جي گهر پڻ
آيو نه گيٽ ٽليل ڇڏي ٿي هليو ويو. پٺي جو گانءِ گيٽ
۾ گهڙي باغ کي چرڻ لڳي. هن به نه ڪئي هم ن
ٿم ٽه - ٽه ڪندو ٻاهر اچي گانءِ کي هڪلڻ لڳو
هن جو ڏنو سو گيٽ بند ڪرڻ هيٺ لهي آئي
بائونڊريوال وٽ بيٺي هن ڏٺو هن جا چپ ڪيچ چور
لاءِ آتا ٿا لڳن. ٽنهڻ منجهند پکي ۽ ٻاهر ڪونه هو

ٻيو گهر هو اشوڪ جو، جنهن جو پريوار ٿورو وڏو هو. اشوڪ گهر ۾ سڀني کان وڏو هئو. هن کان پوءِ هڪ ڀيڻ لڇمي هئس جيڪا ڪاليج ۾ پڙهي رهي هئي ۽ لڇمي کان ننڍو ڀاءُ مئٽرڪ ۾ پڙهي رهيو هئو. اشوڪ جا ماءُ پيءُ ٻئي حيات هئا. هي سڀ اشوڪ جي پگهار مان گذارو ڪندا هئا جو پتس سرڪاري نوڪريءَ تان هاڻي ئي رٽائر ٿيو هئو. پر اشوڪ هڪ هونهار ۽ ذهين ڇوڪرو ٿو. هن محنت ۽ جفاڪشيءَ سان انجنيئر جو عهدو حاصل ڪيو هئو ۽ ڪافي وڏي رقم پگهار جي روپ ۾ هن کي هر مهيني ملندي هئي. گهر ۾ پريم، شانتي ۽ سد ڀاو جو واتاورڻ هئڻ ڪري گهر جو گاڏو هلائڻ ۾ اشوڪ ڪڏهن اهو محسوس نه ڪندو هو ته ڪو هو ئي سڀني کي پالي رهيو آهي. سندس پتا به هن کي سٺي تعليم ڏيڻ ۾ ۽ وڏي عهدي تي رسڻ ۾ ڪا گهٽ جفاڪشي ڪونه ڪئي هئي، ان ڪري هن جي دل ۾ ماءُ پيءُ لاءِ فرض سان گڏ آدر ڀاوَ، شردا ۽ پريم جو ٻوٽو ڦاڄندو ۽ ڦولجندو پئي ويو. ننڍي ڀيڻ ۽ ڀاءُ ڏانهن به هن جي من ۾ پريم ڇوليون ماري رهيو هئو. هو به سوچيندو هو ته هو ٻئي به گهڻي تعليم حاصل ڪري ڪنهن لائقيءَ لڳن. مطلب ته اشوڪ پنهنجي عهدي ۽ گهر ٻنهين پاسن کان سنتوش محسوس ڪندو هو. ڏينهن جو

سک جو ساگر

لتا ماءُ پيءُ جي سڪيلڌي ۽ لاڏلي ڌيءُ هئي، ڪافي سکيا ستابا هئا. ڪار، ڪوٺي ۽ وڏي واپار جا مالڪ هئا. لتا ايم.اي. جي پڙهائي پوري ڪئي ته ماءُ پيءُ کي هن جي شاديءَ جي چنتا ٿي. هو هن لاءِ لائق ور جي ڳولها ۾ لڳي ويا. نياڻيءَ جو ماءُ پيءُ ٻاط کي ليستائين قرضدار سمجهي ٿو جيستائين هنکي پرڻائي سگهي نٿو سمجهي. آخر لتا جي پيءُ ٻه گهر گهڻن گهرن ورن جي مشاهدت ۾ چونڊيا ۽ پوءِ لتا کان ان باري ۾ چونڊ جو فيصلو ڪرڻ جي پيشڪش ڪئي. هڪ گهر هئو نريش جو، جنهن ۾ تمام ننڍي فيملي هئي. نريش جي پيءُ پرٽيل هئي، صرف گهر ۾ ماءُ پت هئا. گهر سکيو ستابو هوئن پر نريش صرف بي.اي هئو. ها هن جو ڪاروبار چمڪي رهيو هئو، لڇمي هن تي مهربان هئي. هو ٻنهي هٿن سان دولت سميٽي رهيو هئو.

ٻاڄهه پيٽي هنن جا روزگار ۽ آمدني ٻه الڳ الڳ هوندي. ڪو لڪن ۾ پيو راند ڪندو ته ڪو ٻاڄهه جي نوڪري ڪري ٽڪا پيو ڪمائيندو ۽ وري شادي وهانءَ ۾ چوندا آهن ته ايشور ئي مٿان جوڙا ٺاهي موڪليندو آهي. جنهن جنهنجو ميل ٻڌل هوندو اُتي اُسي وڃي جڙندو. لٽا ۽ اشوڪ جي قسمت ۾ ٻه ايشور شايد ٻنهني جا ڌاڳا جوڙي موڪليا هئا ان ڪري لٽا ۽ اشوڪ جي شادي ٿي ويئي.

مهينو کن ته اشوڪ ۽ لٽا شاديءَ کانپوءِ گهمندا رهيا خوب مزا اُڏايائون. وري ٻه چوندا آهن ”اَن جو منهن جنب ڏانهن“ سو اشوڪ کي ته ڊيوٽيءَ تي چڙهڻو ٿي هئو. گهر ۾ ڪجهه ڏينهن ته لٽا سنتوش جو ساهه کنيو پر پوءِ آهستي سڄو ڏينهن گهر ۾ رهي هوءَ پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪرڻ لڳي. وڏيڪ ڪم هاج ڪرڻ جي هنکي عادت ڪونه هئي پر هتي ته ڪو نوڪر هون ڪونه. سس ۽ نڙان ٻه ڪم هاج ۾ رڌيون پيون هونديون هيون ته هنکي ٻه رڌڻ پچائڻ جو ڪم ڪرڻو پيو. زالن جي اڌ زندگي ته رسوئيءَ ۾ ٿي گذري ٿي وڃي اهو جنهن حساب ڪيو هجي اُهو ڄاڻي، پر اڄ ڪلهه ته لٽا کي ٻه صبح شام رسوئيءَ سان منهن ڏيڻو هئو. ٻيا ٻه نديا وڏا گهر ۾ ڪم ڪٽا ڪونهن زالن لاءِ. لٽا ته سڄو ڏينهن ڪم ڪرڻ جي

سپنا ڏسڻ ۾ گهٽي ٿي ان سمينڻ جي تمنا هنکي ڪوله هئي. هو حقيقي زندگي جي ،هيو هئو ۽ حقيقت سان واقف ٿي هلندو هو. هو ڪافي سنجيدو ۽ گنڀير طبعيت جو هو. ڪڏهن ٽکو يا ڪڙو ڳالهائڻ هن جي عادت ۾ شمار نه هو. اهوئي سبب هو جو هو پنهنجي آفيس يا گهر ۾ پوريءَ طرح عزت ۽ پريم پائيندو هو. دنيا جي اوچ نيچ کان هو ننڍي عمر ۾ ئي واقف ٿي ويو هئو.

لتا جي سامهون هاڻي ٻنهي جي مشابهت ڪرڻ لاءِ دل ۽ دماغ ۾ هڪ اٿل پٿل پيدا ٿي وئي. ڪجھ ڏينهن ته هوءَ ان ڪشمڪش ۾ ٻڏل رهي. اهو فيصلو ئي نه ڪري سگهي ته ٻنهي مان ڪنهن کي جيون ساٿي بڻائي؟ پڻس به فيصلي ڪرڻ جو حق سندس کي ئي ڏئي ڇڏيو جو سڄي عمر هن کي ئي ساٿ نڀائڻو هئو. آخر گهر جي سڀني ڀاتين ۽ لتا به اهو فيصلو ڪيو ته هر حال ۾ اشوڪ ئي بهتر آهي شڪل شبيه ۾ به سٺابو آهي ۽ عهدو به سٺو ۽ آئينده به سٺو اٿس. پروموشن جا چانس به اٿس. جيڪر محنت ڪندو رهيو ته ضرور اڳتي به سٺل ٿيندو.

چوندا آهن ته ”ماءُ جڻيندي پٽڙا ڀاڳ نه ڏيندي وندي“ سو سچ آهي هڪ ماءُ جا چار پٽ هوندا ته سي به دماغي يا جسماني طرح ساڳيا نه هوندا. وري

سوچ جيڪر اسين هنن کي گڏ نه وٺي وينداسين ته
تو ڪنهن سان گڏ ويندا؟" آخر تمنا ته گهمڻ ڦرڻ
جي هر ڪنهن کي ٿئي ٿي. جيڪڏهن لڇمي پنهنجين
ساهيڙين سان ۽ رميش پنهنجي دوستن سان گڏ
گهمڻ وڃن ته ٻئي رهل ڇيل تي پوندا. من ماني پڪ
سان جتي چاهيندا پيا ويندا. اڃا ته ٻنهي جو پير
گهر ۾ ڪتو پيو آهي. پر جيڪڏهن هڪ وار نه اڪيلي
وڃڻ جي ڇڙواڳي محسوس ڪيائون ته هر ڪو گهر
گهوڙن کي ۽ ٻار ڇورن کي ڏيئي بيفڪر ٿي پيو
گهمندو." لتا چيو "مونکي انهن ڳالهين جي پرواه نه
آهي آخر زال مڙس جي ڪا پرائيويٽ لائيف به
هوندي آهي، هنن جي هوندي اسان ڪڏو نه بندش
تا محسوس ڪريون ؟

اشوڪ ڳراٽڙي پائي کلي چيس "چڱو ڇڏ اهو غصو
ٺاٺي کلي نه ڏيکار" لتا اشوڪ جو هٿ جهٽڪائيندي
چيو "پهرين واعدو ڪيو ته جيئن مان چوان ٿي تيئن
ڪندا. خبر اٿو توهان جي دوست دليپ جي زال ٻه
ٿي ڏينهن ڇوي پئي ته جوان ٽڙان کي هميشه پيا
گڏ وٺي گهمو توهان جي ڪا اڪيلي لائيف ڪونهي
ها؟ شابس اٿو."

اشوڪ چيو، ان ڳالهه تي نه اچ مونکي خبر آهي
، دليپ هميشه ٻارڻ سان گڏ پيڻ کي پڪڙ تي وٺي

آدي ڪونه هئي انڪري ڳالهه لئي خفي ٿيندي ويندي هئي. تڏان هنکي پاڻي پاڻي ڪري هر هر ڪو نه ڪو بهانو ڪري اچي ڪلائيندي هئي. ڪڏهن چوندس پاڻي چانهه نه آهي اچان؟ ڪڏهن چوندس پاڻي هل ته شاپنگ ڪري اچون، هل ته اڄ مندر ٿي اچون. پر لتا کي هن سان گڏ وڃڻ بلڪل نه وڻندو هو. هوءَ مندر، پکچر، باغ يا شاپنگ لئي اشوڪ سان گڏ ئي وڃڻ چاهيندي هئي. اشوڪ کان سواءِ گهر جي ٻين ڀاتين سان جڏهن هوءَ ڏينهون ڏينهن ڪڇندي ٿي وئي. هنن سان جڏهن دلي لڳاءُ لڳوئي نه پئي هن جو. شروع ۾ پکچر يا پارڪ ۾ ويندا هئا ته اشوڪ پنهنجي ڀيڻ ۽ ڀاءُ کي به وٺي ويندو هو. پر ڪجهه ڏينهن کان پوءِ اشوڪ ڏٺو ته لتا کي انهن سان گڏ هلڻ ۾ اعتراض ٿيندو هئو ۽ هڪ ڏينهن آخر لتا جي صبر جو بند ٽٽي اچي اشوڪ لئي ڪڙڪيو چيائين ”ڪن کولي ٻڌي ڇڏيو مون شادي توهان سان ڪئي آهي نه ڪ توهان جي ڀاءُ ڀيڻ سان جتي ڪٿي هنن کي ڇڪڻ وانگر گڏ وٺي پيا هلو مونکي اهي ڳالهيون بلڪل برداشت نه آهن.“

اشوڪ جڏهن سڀ ۾ اچي ويو. هن کان اڳ هن لتا جو اهڙو ٽڪر آواز ۽ غصي وارو چهرو ڪونه ڏٺو هئو. وري به صبر ۽ شانتيءَ سان چيائين ”لتا ڪجهه ته

جي ڀگهار مان ئي گهر هلي ويو ته جيستائين رميش
وڏو ٿئي هن جو هٿ نه ونڊائي. وري نياڻي گهر ۾
ويٺي آهي انهيءَ کي به اڪلائڻو آهي. چار پئسا
هوندا ته هاري بيماري، شادي مرادي يا ڏڻ وار تي
ڪم ايندا."

اٽرو چوڻ هو ته لتا ساڙهي ڪڍي ڦٽي ڪئي چيائين
"ڇا اشوڪ جي ڀگهار ۾ منهنجو اٽرو به حصو نه آهي
جو مان هڪ منپسند ساڙهي خريد ڪري سگهان؟
سڄي سال ۾ هيءَ ٻهراڻ ساڙهي ورتي اٿم ته به سهڻ
نٿو ٿيو؟"

سسٽس ککي وکي ٿي وئي چيائين "ڪهڙو مان
سچ ٿي چوان منهنجو تنهنجو من ڏکائڻ جو مطلب
ڪونه هو وري روز فئشن پيا مٽجن اڪري ٻهراڻ
هڪڙيون ڇڙن پوءِ پيون وٺڻ لاءِ ته بزار ڪلي پيئي
آهي. پر جيڪڏهن توکي خراب لڳو هجي منهنجو چوڻ
ته ڪڍي معاف ڪر اڳتي مان ڌيان رکندس ته لڳائي
ڇگائي چوڻ جو اڄ وڏن کي ڪو حق نه رهيو آهي.

ائين چئي سسٽس پنهنجي ڪمري ۾ هلي وئي.
اٽرو ٿي نه جيڪڏهن سس چوندس ته ڀاڄيءَ ۾
ڪيهه وڌو اٿئي يا مصالا گهٽا وڌا اٿئي يا ابڇور
وڌيڪ تو لڳي ته لتا موڙو ڏئي اڻ ٻڌو ڪري
ڇڏيندي هئي.

ويندو آهي. مان تو چوان ٿو ته اهڙن ماڻهن جي ڳالهه هڪ ڪن کان ٻڌي ٻئي کان ڪڍي ڇڏ. اهڙا ماڻهو رڳو ٻين جا جهڳڙا ڦٽائڻ ۾ لڳا پيا هوندا آهن ۽ پوءِ ٽيلي هٽي پري کان تماشو ڏسندا آهن.

لتا - ”توهان مونکي ايترو بيوقوف نه سمجهو ايترو ته مونکي به تو سمجهي نه ڇا نيڪ آهي ڇا غلط؟“

آخر عاشق معشوقا کان هارائي ويو. هن جڏهن ”ها“ ڪئي تڏهن لتا روٽي کاڌي نه ته پڙ ڪيڏي ويهي رهي ته روٽي ڪونه کائيندي هيس.

ٻئي ڏهاڙي آئي ته اشوڪ لتا کي چيو ”تون چاهين ته ڪا پوري ساري ملهه جي ساڙهي خريد ڪر پائي اچين نه ته ٿئي نه گهر جو بجيٽ ئي بگڙي وڃي. ان تي لتا ڀرون ڪڍي ٽاڻيون ۽ چيائين، ”نه وٺي ڏيڻي اٿوَ ته نه وٺي ڏيو باقي شرطون ڇو ٿا وجهو؟“

خير، اشوڪ جڏهن لتا کي ساڙهين جي دڪان تي وٺي ويو ته لتا ڇهه سؤ واري ساڙهي پسند ڪئي. هاڻي دڪان تي اشوڪ هنکي ڇا سمجهائي، جيڪ کائي ڇهه سؤ کيسي مان پوري ڏنائين. پر من ۾ دک ٿيس ته هيءَ گهر جي حال تي نٿي هلي. گهر آئي ته سس ساڙهي ڏسي چيو ”ڪنوار پٽ تو وٽ ته اڳ ئي شاديءَ جي ساڙهين جا امبار لڳا پيا آهن، هيءَ ساڙهي وٺڻ جي ضرورت ڇو پيئي؟ توکي نه خبر آهي ته اشوڪ

اسانکي وٽا سهائين نه ڪيئن ڪم هلندو. وري
ٽون اهو به نه سوچ ته اهو اسان جو ڪيڏو نه وڏو
فرض آهي ته ٻڍاپي ۾ انهن کي سنڀاليون ايشور نه
ڪري جيڪر تنهنجو ڪو ڀاءُ تنهنجي ماءُ پيءُ کي
هڙي ٻڍاپي ۾ ڇڏي پنهنجي سک لاءِ ماءُ پيءُ کان
جدا ٿي پوي ته توکي جيڪر ڇا وهي؟ ڇري اهو به
سوچ ته سياڻي ٻار ٻچا ٿيندا ته ڪير سنڀاليندو؟ ۽
وري دادا جي هيءَ جاءِ ۽ گهر ٽان به اسانکي هميشه
لاءِ هٿ ڪٽڻو پوندو. پنهنجي ڪمائيءَ مان اسان
ڪڏهن جاءِ جوڙي سگهنداسين هن مهانگائيءَ ۾؟"

اهڙيون دليلون ٻڌي لتا چپ ٿي ويندي هئي.
اشوڪ ته سچي ۾ به ماءُ پيءُ کان جدا ٿي رهڻ جي
ڪلپنا به نه ڪري سگهندو هو پوءِ ڪي نه ڪي
دليلون ڏئي لتا کي پيو راضي ڪندو هو. اهڙيءَ
طرح ٽي سال گذري ويا. اشوڪ به سوچيندو هو ته
جتي به ٻاهر هوندا اُتي ٻيا نڙڪا ٿيندا. هو گهڻو
زنانين ڳالهين تي ڌيان نه ڏيندو هو ڪڏهن گهر جو چرخو
مڙهوني پئي هليو. وچ وچ ۾ اشوڪ کي اڪثر نوڪريءَ
سانگي دوري تي به وڃڻو پوندو هو. هن دفعي هن
جي دوري جو پندرهن ڏينهن جو پروگرام هو. هن جي
وڃڻ کان پوءِ لتا ڇڻ اڪيلي ۽ اُٻاڻڪي ٿي پئي.

جڏهن کـ حقيقت اها هئي تہ سنتش لتا کي بہ پنهنجي ڏيءَ وانگر ٿي ڪڇ جتائي هلڻ لاءِ چوندي هئي. هن جي من ۾ انهن لاءِ ڪو وير وروڌ نہ هو پر ننڍپڻ ننڍين ڳالهين تان وٺي پريم جي ڌاڳي ۾ ڳنڍيل پوندي.

هاڻي لتا گهر جي ڪنهن پاليءَ کي پنهنجو سڄڻ نہ سمجهندي هئي. پاڻ سوچيندي هئي تہ هي سڀ منهنجي مڙس جي پگهار تي هلي رهيا آهن. انهين هڪ جو خون چوسي رهيا آهن اهو سوچي هوءَ هر وقت اشوڪ جا ڪن کائيندي هئي تہ هاڻي الڳ هلي رهون هت اسان پنهنجو آئيندہ نہ سڌاري سگهنداسين. هڪ ڏينهن لتا اشوڪ کي چيو ”توهان اڪيلا ڪمائڻ وارا ۽ ڇهہ ڇٽا کائڻ وارا وري توهان جي پاءُ کي هر هفتي سئنيما بہ کپي. سهري کي بيڙين جي عادت الڳ آهي اهو اجايو خرچ نہ آهي؟ مونکان تہ سٺو نٿو وڃي.“

اشوڪ چيس- ”پاڻي عادت پراڻي ڪا هڪ ڏينهن ۾ ويندي؟ وري هن بڍاپي ۾ تہ ڪاٻہ هير مٽائڻ ناممڪن آهي، پر تون اهو نٿي چو تي سوچين تہ هو منهنجو تہ ڪانئين ڪهڙي خبر مان ڪنهنجي ڀاڳي تو ڪمايان. دادا بہ تہ پنهنجي پينشن جا سڀ پئسا منهنجي تعليم ۾ خرچ ڪري ڇڏيا جيڪر اهي بہ

ڪري رهيا هئا، جيئن ڪو ٻاءُ پيڻ رت لئي آٽل دک
درد ڏسي هنجو دک سهي نه سگهي ليئن نڙان ۽
ڏيرس هن جي شيوا ڪندي نه پيا ٿڪجن. آخر ٻخار
لٿا جي پٽ ڇڏي ڏني پر ڪمزوري اڃان باقي هئس.
انڪري سسٽس هنکي بستري تان اٿڻ ئي نه ڏيندي
هئي. ”پٽ ڪمزوري اٿئي تون آرام ڪر ڪٿي متو
نه ڦري وڃيئي ڪري نه پئين ڏڪ نه لڳي پوئي.“

اڄ اهي اکر سس جي والان هنکي اهڏا مٺا پيا
لڳن جهڙي مصري. سهرو پيو پڇندس ”پٽ ڪير پيٽم
ڪنهن شيءِ جي ضرورت هجيئي ته بزار مان آڻي
ڏيانءِ پلا اشوڪ کي ٽيليگرام ڪري اچان؟“

اڄ سهري جا اِهي اکر جڻ هنجي ڪنن ۾ چانديءَ
جي گهنٽيءَ وانگر سريلا لڳي رهيا هئا. لٿا سوچيو،
”هاءِ هتڙي سس سهري کي مون نه سڃاتو اڄ تائين
هنن ڏان نفرت ڪندي رهيس پر سچ ته هيءُ ته
منهنجي ماءُ پيءُ کان به وڌيڪ آهن، نڙان ۽ ڏيرَ جي
منهن ۾ به هن کي معصوميت ۽ پنهنجائپ نظر پئي
اچي. اڄ هو هنکي پنهنجي پيڻ ۽ ڀاءُ وانگر ڀاسي
رهيا هئا.

هن جي دل ۾ جڻ نئون صبوح سج جي ٻهراڻ
سواهري ۽ ٿڌي ڪرڻن وانگر سونهري لڳڻ لڳو.

ڪٿي من ٿي نہ لڳيس. گھڙي ٽران چوڻس ”پاپي هل
پڪچر ڏيکاري اچانءِ.“ سس چوڻس ”هل ننهن ساهيڙيءَ
وٽ گھمائي اچانءِ“ پر لتا ننو اڪر واري وڃي هئي.
پر ڏينهن لائين واڌو رهندي ٽئين ڏينهن اچي بخار
نيس. بخار بہ ايڏو جو ڇٽي ڪٽي بس ڪر. صبوح
جو سڀ اٿن تہ لتا بستري تي پئي آهي همت لاٿي
ڏسس تہ بدن جھڙو ٽانڊا. پوءِ تہ سسٽس ٿڌي پٽي
ڪٽي مٿي تي رکيس. سھرس پڳو ڊاڪٽر کي وٺي آيو.
ڊاڪٽر لتاکي ڏسي دوائون لکي ڏنيون تہ ڏيرس ويو پڇندو
پڇندو دوا وٺي آيو. هو اهڙو جلد ويو ۽ ڦڙتيءَ سان
واپس آيو جو هنجو ساهہ ڦولجي ويو. اچي جلد پاڻيءَ
جو گلاس ڪٽي آئي گوري لتا کي ڏنائين پوءِ ڪافي ڪير
وجهي گھاٽي چانهن ٺاهي آئي. دوائون وٺڻ سان
دوائن اثر ڏيکاريو بخار گھٽبو ويو. لتا جي بخار جڻ
سڀني کي چنتا ۽ فڪر ۾ وجهي ڇڏيو. ڪير هن جي
مٿن کان وٺي هنجي مٿي کي زور پيو ڏئي تہ ڪير
ٽنگن کي زور پيو ڏئيس. ڪير ڪير پيو پيارڻس لــہ
سھرس جوس ۽ فروٽ بزار مان پيو وٺي اچي. جيستائين
لتا بلڪل ٺيڪ نہ ٿي وٺي سڀ هنجي پلنگ جـــي
چؤگرد گھيرو ڪيو بيٺا هوندا هئا. جيٺن ڪو ماءُ پيءُ
ڌيءَ جـي ٽهل ڪري ليٺن سس ۽ سھرو هنجي ٽهل

سنگتراش

هو هڪ سنگتراش آهي. هٿوڙيءَ ۽ ڇيڻيءَ ۾ هن جي هٿن مان ڇٽي جيڪو جادو ٿو جاڳي سو بيجان سنگمرمري پٿر جي بت کي به جاندار بڻايو ڇڏي.

هو نوجوان پنهنجي فن ۾ پڪو، ڀاوناڻن ۾ ڀرپور، هٿ جي صفائيءَ ۾ ماهر آهي. جڏهن هو بت تراشي ٿو هڪڙي ڪپڙن جي سٽ نٿي رهي، هن جي بک اڃ مري ٿي وڃي، هن جي مٿي جا وار وڌي ٿا وڃن، ڏاڙهيءَ جا وار وڌندا ٿا وڃن، هن جو اندر مٽيءَ ۾ ڀرجي ميرو ٿي ٿو وڃي، هن جا هٿ ۽ پير گهارون گهارون ٿي ٿا وڃن. پر هو هن سڀ کان بيخبر پنهنجي ڪلاڪاريءَ ۾ مست ۽ مگن لڳو پيو آهي.

جيئن اسين ڪا ڪهاڻي يا ناول شروع ڪيون ۽ اهو تمام روچڪ هجي ته تيستائين ڪتاب نه ڇڏيون جيستائين ان جو انت نه پڙهي اٿون تيئن هو بت تراشي جيستائين پنهنجي من مطابق موهڪ اٿو

خوشيءَ جو جهونٽو سرد هوا وانگر هنجي سرير ۾ نئين تندرستيءَ جو سنچار ڪرڻ لڳا.

جلد ئي هوءَ نوبني ٿي پئي. خوشيءَ وچان هنجا ڳل جيڪي اڳي پيلا ٿي ويا هئا گلابي ٿي پيا. هن گهر ۾ ڄڻ هنجو نئون جنم ٿيو هو. پندرهن ڏينهن ڪانپوءِ جڏهن اشوڪ گهر ۾ قدم رکيو لتا کي بدليل ڏسي عجب ۾ پئجي ويو. لتا ته ڄڻ سک جي ساگر ۾ هلورون کائي رهي هئي. اڄ هنکي چئني پاسي سک جو ساگر لهرائيندو نظر پئي آيو.

انگ جو ملهه ڏهوڻون ٿي ويندو آهي ليڪن استريءَ جي مستڪ تي تلڪ لڳائڻ سان هن جي سونهن ۾ ڏهوڻو اضافو اچي ويندو آهي. واهه ڙي ڪويءَ جي ڪلپنا !

پر اها ڪلپنا نه اکين جو جادو ٿي. هيءُ بيت نه ڦابدان جاندار بڻجي اسانجي سامهون رکيو آهي. هن جون اکيون هرڻيءَ جي اکين جهڙيون ڏگهيون ۽ نشيليون جهڙا نرگسي گل، اکين جا تارا اهڙا جڻ ڏسڻ واري ڏانهن ٿي ٽڪ ٽڪ نهاري رهيا آهن، جاندار اهڙيون جڻ پنهنجي اشاري جي انداز ۾ ڪجهه بيان ڪرڻ جي ڪشمڪش پيون ڪن.

هڪ ٻئي شاعر پنهنجي شاعريءَ ۾ چيو آهي ته ڪير ٿو چوي ته محبت کي زبان ٿيندي آهي؟ اها حقيقت آهي نگاهن سان بيان ٿيندي آهي! هيڙيون نگاهون ڏسي ٿي شايد شاعر اهڙو شعر چيو هوندو. چپ سنهڙا جهڙا گلاب جون پنکڙيون، مسڪرائيندڙ اهڙا جڻ هينئر ٽهڪ ڏئي هن ڪائنات کي ٽوڙي ڇڏيندا، گردن سنهڙي ۽ لمبي جيئن ڪنهن ساقيءَ جي سراهي، ٻانهون اهڙيون جيئن ڪا ول وڻ کي ڀاڪر پائڻ لاءِ آتي هجي. چيله، سنهي ۽ سندر لچڪڻي جهڙي ڪنهن نائڪا جي شاعر بيان ڪن ڇڏي ڪا هرڻي، هٿ ۽ پير جهڙا ڪمل جا ڪومل گل، ٽنگون

ٽاهي ڇڏي ٽيستائين هن جي اکين مان ننڊ غائب ٿي رهي، هن جا لٽا ليڙون ليڙون ٿي ويا آهن، وار رڪائي ڄڻ ترتيب ۾ ٻڌڻ کان انڪار ڪري چڪا آهن، ڏاڙهيءَ جي وارن سڄڻ مثل ڪنڊن جو روپ ڌارڻ ڪري ڇڏيو آهي، هن جا چپ خشڪ ٿي ويا آهن ۽ هن جون اکيون ننڊ کان ڪوهن جي دوريءَ ڪري ڳاڙهيون ٿي ويون آهن پر هو ان سڀ کان بيخبر بت ۾ جان ڦوڪڻ جي چاهه ۾ مگن لڳو پيو آهي.

هن جي ٻڌن ۾ ناري ٻڌن جي ڏي پرمار آهي. هو ناريءَ جي مهانتا کي سويڪار ڪري چڪو آهي. هو ناريءَ جي پوترتا کي پريان ڏي نمسڪار ڪندو شردا سان ڪنڌ جهڪائي ڇڏيندو آهي. هو ناريءَ جي رچنا کي ايشور جي بيجوڙ رچنا سمجهي هنجي پوڄا ۾ رڌل آهي.

تمام گهڻي محنت، جفاڪشي، بيداري ۽ بيقراريءَ کان پوءِ هن اڄ هڪ آدم قد ناري بت تراشيو آهي. جنهنجا گهاٽا وار ڄڻ ڪارين گهٽائن جي ياد پيا ڏيارين. پيشاني موڪري جهڙو آڪاش ٽمڪندي چندرما وانگر وڏو ٽلڪ،

ڪوي ٻهاريءَ پنهنجي شاعريءَ ۾ هڪ هنڌ چيو آهي ته هڪ انگ جي اکيان ٻڙي لڳائڻ سان جيئن

۾ هڪ گرم ڪوٽ. جنهنجي سهاري هو ٿڌ جي
والين کي ڪاٽي وٺندو هو ۽ پنهنجي جسم کي گرم
رکڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندو هو.

اڄ اُپاسڪ جي اُپاسنا پوري ٿي بت کي جاندار
سمجهي هن جي پوڄا ۾ محو ٿي، ناريءَ جي نزاڪت
کي سمجهي هن جي پوڄا ۾ اُهو ڪوٽ به ڪڍي ناريءَ
کي ارپڻ ڪيو، مٿان هن ڪومل ناريءَ کي ٿڌ لڳي
وڃي، اهو سوچي ڪوٽ هن جي بت کي ويڙهي
سنگتراش گوڏن ۾ هٿ وجهي ڪرونڊڙو ٿي سمهڻ
جي ناڪام ڪوشش ڪرڻ لڳو.

ٿڌ به چوي ته اڄ نه پوان ته ڪڏهن پوان؟ ڄڻ
اڄ سنگتراش جي امتحان جي گهڙي هئي ۽ هو ان ۾
مستقل رهيو.

صبوح جو اخبار ۾ سرخ ۽ ٿلهن حرفن ۾ لکيل هئو-
”ناري بت لئي ڪوٽ ڍڪڻ جي ناڪام ڪوشش ۾
سنگتراش جو ٿڌ سبب موت.“

□

جهڙيون ڪيلي جا ڪومل پن، پيٽ ۾ ڏن جو هو ٻُڌ
چڻ پاڻ ۾ پنهنجو مثال پاڻ هئو.

مطلب ته شاعر پنهنجي شاعريءَ ۾ جهڙي نائڪا جو بيان ڪندا آهن، چترڪار جڏهن نائڪا جا چتر رچي پنهنجي فن کي ڌنيه سمجهندا آهن ۽ انعام حاصل ڪندا آهن اها نزاڪت، ڪوملتا، پاوڪتا ڀرپل نائڪا جهڙو روپ، مک تي اهڙي مڌرتا چڻ ڄاڻ ڪلي سو ڪلي.

سنگتراش جڏهن پنهنجي پوري ڪلپنا هڻ ۾ اوتي ڇڏي ۽ پورو سنتشٽ ٿي ويو ته برابر هاٿي هڻ ۾ منهنجي ڪلپنا موجب ڪا ڪمي باقي نه رهي آهي ته ڪلاڪن جا ڪلاڪ هنڪي پنهنجي نماڻن نيڻن سان ڏسندو رهيو چڻ صرف هڻ ۾ ساهه پوڻ باقي هو ۽ هن جي ٽڪ ٽڪ ڏسڻ سان اهو ساهه به پيو ڪي پيو.

جڏهن هن جا نيتر ڏسي ترپت ٿيا. تڏهن رات جا ٻارهان وڄي چڪا هئا. سنگتراش جي نظر ۾ هو هڪ بت نه هو بلڪ هڪ جاندار سوغات هئي.

ٿڌ جا ڏينهن، جنوريءَ جي ٿر ٿر ڪنبندڙ رات ڪلپنا ۾ وهندڙ هن مٿوءَ کي پڪسي، مان ايمان سان ڪم ڪهڙو؟ هو اپاسڪ هو، ناريءَ جو اپاسڪ.

سنگتراش وٽ ڪو سک ساڌن جو بندوبست ڪونه هئو. صرف بستري جي نالي تي ڪجھ ليڙون

ڪم مايا کون سنڀالي سگهندي هئي. ان ڪري ٻه ٽي نوڪر رکيل هون. ڏاڏيءَ جو ڏڍ اچي پهتو هو اُن ڪري اڄ گوبند وهٽيءَ جي چٺي آئي هئي ته ڪجھ ڏينهن لاءِ اچي هو پنهنجي اڪيلائي ٽارڻ ٿا چاهين.

گوبند جي اُداسيءَ جو ڪارڻ اها چٺي ئي هئي. هن کي همت ئي نه پئي ٿئي ته ڪيئن مايا سان ڳالهه ڇوري؟ جو هن جو موڊ خراب ٿيو ته روئي ڪاڻ به وهه ئي ويندو. چانهن ناشتي ڪان پوءِ جڏهن گوبند اُداس رهيو ته مايا ئي مٿس پڇگ ڪيو. ڇو اَڄ اُداس پيا لڳو شڪ ته آهي.؟

گوبند ’نه بس ائين ئي‘!

مايا ’نه، نه ضرور ڪا ڳالهه آهي. ڇا مونکان لڪائيندا؟

گوبند چيو، ”نه! پر تون ناراض ٿيندينءَ“.

مايا ”نه نه مان پرامز ٿي ڪيان. مان ناراض ڪونه ٿيندس هاڻي ٻڌايو پلا.“

گوبند ”ته پوءِ ٻڌ اما بابا ٻئي هفتي اچي رهيا آهن.“

اهو ٻڌندي ئي مايا جڙ سان ٻرجي وئي، چيائين ”پلا ايڏو جلد وري ڇو ٿا اچن؟ ٻه مهنا اڳ مٿوءَ جي ارٿيءَ تي ته ٿي ويا آهن.

هاڻي گوبند سان گڏ مايا به اُداس هئي. ايتري ۾ در تي ٺڪ ٺڪ ٿي. مسز ۽ مسٽر پهن واسواڻي آيا

ڪر ڀلو ته ملئي ڀلو

گوبند آفيس مان آيو ته تمام اداس هو. هو چڱيءَ طرح ڄاڻندو هو ته ماڀا ۽ هن جي سس جا ڏاڍ پلي-پنت ميل نه هئا اُن ڪري هنن جي پاڻ ۾ ڪڏهن ٺهي ڪون. شروع کان ئي گوبند جا ماءُ پيءُ ڳوٺ ۾ رهندا هئا ۽ گوبند شهر ۾ ۽ پسر ها ڏڻ وار يا ڪنهن موقعي تي اچي گهمي ڦري ويندا هئا. گوبند جو پيءُ چوٿرام سرنديءَ وارو هو. هن کي پينشن به ملندي هئي ان ڪري پٽ کان ڪجهه نه وٺندو هو، جو نوڪري وارن جو هٿ هميشه تنگ ئي رهندو هو. اهو هو هميشه ڄاڻندو هو. گوبند نوڪري ڪري ٿي شهر ۾ هو ماڀا به نوڪري ڪندي هئي ۽ ٻه ٻار ٿي، هئن ان ڪري پئسي ڏوڪڙ جي تنگي ڪين هئن. ٻار پڙهڻ ويندا هئا ۽ پاڻ نوڪريءَ تي اُن ڪري سورو

آهن. بس ضرورت آهي ٿوري هليمائيءَ ۽ هنن جي ها ۾ ها ملائي هلڻ جي ته پوءِ ڏسو ته هو سڀ توهان جا. باقي اسان جو ته جيڪر هڪ ڏينهن به اڪيلي ۾ نه گذري سگهي. هڪڙو اڪيلائي محسوس ڪونه ٿئي ٻيو سوين ڪم لڳن.”

گوبند چيو ’اهو ته آهي ئي اسان جا اما بابا به فالتو وهڻ ته جاڻن ئي ڪونه. ڪنهن نه ڪنهن ڪم ۾ رڌا پيا هوندا آهن پر ....’

پمن ’پر وري ڇا جي پاڻي جيستائين گڏ رهي نه ڏسندا تيستائين هرندا ڪيئن؟‘

گوبند چيو ’ڳالهه ته اهائي آهي نه ته مايا شروع کان اڪيلو رهي ڏٺو آهي. تنهن ڪري ڪنهن جي ها به نه ٿي سهي سگهي.

پمن ’ها اهو ته ٺيڪ آهي پر توهان وٽن مان فائدا به ته ڏسو نه؟ پهرين ڳالهه ته گهر هميشه کليو رهندو ڪونه آيو ويو محسوس ڪونه ويندو. گهر جي سنڀال سٺي به چڱي طرح پئي ٿيندي. اِهي ٽالا ٽولا روز توهان کي ڪون هڻڻا پوندا اهن ۾ ڪيڏو نه وقت برباد ٿو ٿئي وري به پوئان ساهه اٽڪي پوي ته چوري چڪاري نه ٿي وڃن. اُنهين ڏينهن اخبار ۾ ڪونه آيو هو ته گهر کي ٽالو سي لٽيرا سڀو گهر ميري ٽرڪ ۾ کڻي ويا. لتا چيو، ’ڏس نه مايا اسان جا بابا صبوح جو اٺين ساڍ وڃن تازو کير سامهون ڏهائي

هئا. ٻئي ڪٽنب هڪ ٻئي جي سک ڏک جا ساٿي هئا. هڪ ٻئي کان ڪجهه لڪائيندا به ڪو نه هئا. پمن ڪافي ڪلمڪ ۽ ملڻ سار هئو ۽ ليلا به ڪافي گهريلو قسم جي سوشل هئي. ٻئي هر وقت ٽهڪ پيا ڏيندا هئا ڄڻ ڪا چنتا ئي ڪونه. هئن جڏهن ڪ هنن جو گڏيل ڪٽنب هئو. پيءُ ماءُ ڀائر ڀاڄاڻو ۾ سڀ خوشيءَ سان ميل ميلاپ سان رهيا پيا هئا. چار ڏهن پيٽڙ وقت آخر ليلا ٿاڙي ورتو، ڀائي اڄ ماجرا ڪهڙي آهي ڪجهه اُداس پيا لڳو؟

ماڻهو 'نه اهڙي ته ڪا ڳالهه ڪونهي'.

پمن، "ڀائي ڀاڻ ته لفافو ڏسي مضمون ٻڌائي ٿا سگهون ڳالهه آهي ڪا ضرور."
